1. ڊاڪٽر محمد صاحبداد
2. نظر حسين چانڊيو

# عربي قصيدو: تعريف، ساخت ۽ اهميت

# Arabic Qasidah: Definition, Structure and Importance

***Abstract***

*The Qasidah is one of the oldest and most prestigious poetic form in Arabic literature. It represents a complete artistic and cultural expression of Arab society and has played a central role in shaping Arabic poetic tradition from the pre-Islamic era to modern times. The Qasidah is not merely a poem but a carefully constructed literary form that reflects social values, historical events, and aesthetic ideals of the Arab world.*

*In terms of definition, a Qasidah is a long mono-rhymed poem written in a single meter, maintaining the same rhyme throughout. Traditionally, it addresses a specific purpose or theme, such as praise, satire, pride, or elegy. The unity of meter and rhyme gives the Qasidah a strong musical quality, which enhances its memorability and oral transmission.*

*Regarding its structure, the classical Arabic Qasidah is composed of three main parts. It usually begins with the Nasib or Tashbib, where the poet nostalgically recalls lost love or abandoned dwellings. This is followed by the Rahil, in which the poet describes a journey, often portraying the desert, the poet's mount, and the hardships of travel. The final section is the main thematic purpose of the poem, known as the Gharad, which may take the form of praise (Madih), satire (Hija'), pride (Fakhr), or elegy (Ritha'). These parts are artistically linked, creating a coherent and balanced poetic composition.*

*The importance of the Qasidah in Arabic literature is immense. Historically, it served as the voice of the tribe, preserving honor, recording battles, and expressing collective identity. Culturally, it acted as a repository of Arab values such as bravery, generosity, loyalty, and wisdom. Literarily, the Qasidah set the foundations for Arabic poetic aesthetics, influencing poetic language, imagery,*



*and criticism. Many classical critics and scholars analyzed the Qasidah to develop principles of Arabic literary criticism and rhetoric.*

*In conclusion, the Arabic Qasida stands as a cornerstone of Arabic literature. Its rich structure, thematic depth, and cultural significance have ensured its continuity across centuries, making it an enduring symbol of Arabic literary heritage and artistic excellence.*

***key words*:** Qasidah, Adab, Shairi, Jahilyat, Tahzeb, Tarekh, Qasad, Arabi, Qafiyo, Bahar, Wazan

**تعارف**

قصيدو عربي ٻولي جي قديم صنف سخن آهي جنهن صدين تائين عرب معاشري جي فڪري، ثقافتي سماجي ۽ ادبي ترجماني ڪئي آهي. قصيدو نہ صرف هڪ شعري صنف آهي پر عرب تهذيب جي تاريخ، اقدار ۽ شعور جو آئينو سمجهيو ويندو آهي. عربي ادب ۾ قصيدي کي ان جي فني ڪمال، موضوعاتي وسعت، جمالياتي حسن ۽ سماجي اثرات جي سبب جي ڪري هڪ مرڪزي حيثيت حاصل آهي.

قصيدي جي شروعات جاهليت جي زماني کان ٿي جڏهن عرب معاشرو قبائلي نظام تي مشتمل هو ۽ ان ئي وقت ۾ قصيدو شاعرن جي زباني انهن جي قبيلي جو آواز هوندو هو. قبيلي ۽ قوم جي عزت ، فخر، ۽ دفاع جو ذريعو قصيدي کي ئي سمجهيو ويندو هو. شاعرن جو ڪلام قبيلي ۽ قوم جي لاءِ فخر جو سبب بڻجي پوندو هو يا وري ڪڏهن ڪڏهن رسوائي جو سبب بہ هوندو هو انهن سببن جي ڪري جاهليت جي زماني ۾ قصيدي کي تمام گهڻي اهميت حاصل هئي . سبع معلقات انهيءَ دعوى جو ثبوت آهي تہ عربن وٽ قصيدو جاهليت جي زماني ۾ فڪري ۽ فني ڪمالن جو سڀ کان اعلي ذريعو سمجهيو ويندو هو. عربي ادب ۾ قصيدي جي اهميت جو سڀ کان بهترين پهلو ان جي فني ساخت آهي . قصيدو هڪ منظم ۽ مربوط فني ڍانچي تي مشتمل آهي، جنهن ۾ تشبيب يا طلل ، رحيل ۽ مقصود القصيده جهڙا حصا شامل آهن. هيءَ ترتيب شاعر جي فني مهارت کي ظاهر ڪري ٿي جڏهن تہ وحدت وزن، قافيي جو هم وزن هجڻ، قصيدي کي موسيقيت عطا ڪري ٿو جيڪا سامع جي طبيعت تي تمام گهرو اثر ڇڏي ڪري قصيدي کي هڪ يادگار صنف بڻائي ڇڏي ٿو.

موضوع جي اعتبار سان قصيدو عربي ادب ۾ تمام گهڻي وسعت جو حامل آهي. مدح، فخر، هجاءِ، رثاءِ، حڪمت، سخاوت، شجاعت، اخلاقيات ۽ وفاداري جهڙا موضوع قصيدي جي ذريعي بيان ڪيا وڃن ٿا، اهڙي طرح قصيدو نه صرف جذباتي اظهار جو ذريعو آهي پر اخلاقي ۽ سماجي اقدار جي ترسيل جو وسيلو پڻ آهي.

بعد ۾ اسلام جي زماني کان قصيدي ۾ نعت رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم ، زهد، تقويٰ ۽ اسلام جي تبليغ ۾ پڻ قصيدي جو اهم ڪردار رهيو آهي.

قصيدي جي اهميت جو هڪ ٻيو اهم پهلو قصيدي جو تاريخي ۽ دستاويزي ڪردار آهي. عربي قصيدن ۾ جنگين، معاهدن، قبائلي تعلقات، بادشاهن جا اوصاف ۽ سماجي حالتن کي محفوظ ڪرڻ ۾ قصيدي جو اهم ڪردار رهيو آهي، جيڪي اڄ تاريخ جا اهم ماخذ ۽ مرجع سمجهيا ويندا آهن. ڪيترائي تاريخي واقعات آهن جيڪي قصيدي جي صورت ۾ محفوظ آهن. قصيدو نه صرف شاعري جو اهم موضوع آهي پر تاريخ جو پڻ اهم سرمايو آهي.

> قديم عرب نقادن شعري تنقيد ذريعي تنقيد جو بنياد پڻ قصيدي تي رکيو جيئن ابن قتيبہ، ابن رشيق قيرواني ، عبد القادر جرجاني جهڙا ناقدين قصيدي جي ساخت، معنيٰ ، اسلوب ۽ بلاغت تي تفصيلي بحث ڪيا آهن جنهن سان عربي ادبي تنقيد جو پڻ بنياد پيو.
>
> (ابن سلام الجمحي، ۲۳۲هـ 55)

ائين چئي سگهجي ٿو ته قصيدو عربي ادب جو روح آهي جنهن عربي زبان کي فصاحت ۽ بلاغت جي بلندين تائين پهچايو عرب جي معاشري جي فڪري تشڪيل ۾ قصيدي جو اهم ڪردار رهيو. ادب، تاريخ ۽ ثقافت جو اهڙو ته ميلاپ رهيو آهي جو اڄ جي دؤر تائين قصيدي جي مطالعي کان سواءِ تاريخ ادب عربي نامڪمل ۽ اڻ پوري رهي ٿي، ڇو ته قصيدو نه فقط ماضي جي يادگيري جي داستان آهي پر عربي ادبي روايت جي روشن علامت پڻ آهي.

قصيدو عربي ادب ۾ شاعري جو سڀ کان پراڻو قسم آهي، جنهن جي شروعات جاهليت جي زماني کان ٿي هئي. قصيدو نه صرف شاعري آهي پر عربن جي تهذيب، قبيلن جي اقدار ۽ ٻولي جي سڃاڻپ جو ذريعو به آهي.



**قصيدي جي لغوي معنيٰ:**

عربي ۾ "قصد" جي لفظي معني "ارادو ڪرڻ"، "قصد رکڻ" يا "مقصد تي سڌو هلڻ" آهي، ان ڪري قصيدو ان کي چيو ويندو آهي جنهن جي شروعات ۾ ئي شاعر ڪنهن مخصوص مقصد جو ارادو ڪيو هجي. . (ابن فارس، 1969 ، 813)

**قصيدي جي اصطلاحي معنيٰ :**

اصطلاحي معنيٰ ۾ 'قصيدو اهو منظوم ڪلام آهي جيڪو هڪ ئي بحر، وزن ۽ قافيہ جي تحت ڪنهن مخصوص موضوع يا مقصد جي لاءِ لکيو ويو هجي. (ابن رشيق، 1981، 67)

**قصيدي جي وصف:**

قصيدو اهو منظوم ڪلام آهي جيڪو هڪ ئي بحر ۾، هڪ ئي وزن تي ۽ هڪ ئي قافيہ سان گڏ گهٽ ۾ گهٽ ستن کان ڏهن بيتن تي مشتمل هجي، جنهن ۾ شاعر ڪنهن خاص ارادي يا موضوع تحت مضمون کي نهايت سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو هجي. . (ابن رشيق، 1981، 67)

قصيدو هڪ اهڙي طويل نظم کي چئجي ٿو جيڪو قافيہ ۾ وحدت رکي ۽ شاعر ان ۾ مدح، فخر، هجي، ثنا ۽ حڪمت جهڙا موضوع پيش ڪيا هجن. .(ابن خلدون، 1425 ه / 2004م، 532)

**قصيدي جي بنيادي ساخت (بناء القصيده)**

پراڻا عربي قصيده ٽن اصولن تي مشتمل هوندا آهن جنهن کي "نَسَقُ الطلَلِي" يا "البناء الثلاثي" چوندا آهن.

**النسيب / الطلل (غزل يا محبوبہ جو ذڪر)**

قصيدي جو ابتدائي حصو نسيب آهي جنهن کي قصيدي جي جماليات جو رنگ حاصل هوندو آهي، شاعر پنهنجي قصيدي جو آغاز ان منظر کان ڪندو آهي جو ان جو محبوب اهو مقام ڇڏي چڪو هجي ۽ اتي صرف آثار نظر ايندا هجن، اهڙي قسم جو منظر "طلل" سڏائجي ٿو جڏهن ته شاعر آثار طلل سان مخاطب ٿي ڪري پنهنجي قصيدي جي شروعات ڪري ٿو.

طلل لفظ جو جمع اطلال آهي جنهن جي لغوي معني آهي ڪنهن گذرندڙ قافلي جا نشان، ڪنهن گهر جا نشان، ڪنڊرات يا مٽيل نشان. (ابن المنظور، 1414ھ ماده "ط ل ل)

جاهليت جي زماني جي شاعرن وٽ طلل نہ صرف هڪ منظر جو نالو آهي پر هي هڪ گذريل زماني جي يادگيري جو ذريعو آهي  يعني هڪ تاريخ آهي يا سندس محبوبہ سان گذاريل انهن لمحن جو ذڪر آهي جنهن کي قصيدي جي حسن جي علامت سمجهو ويندو آهي.  هي حصو قصيدي جو بنيادي حصو سڏبو آهن جنهن ۾ شاعر پنهنجي قصيدي جي شروعات ڪنهن غزل سان ڪندو آهي ڪڏهن ڪڏهن محبوبہ جي ذڪر سان پنهنجي قصيدي جي شروعات ڪندو آهي ان جو مثال عربستان جي شاعري جي شاهسوار شاعر امرئ القيس جيڪو جاهليت جي زماني جو تمام مشهور شاعر آهي ان پنهنجي قصيدي جي شروعات محبوبہ جي ذڪر سان هن طرح ڪئي آهي.

قفا نبک من ذکري حبيب و منزل

بسقط اللوي بين الدخول فحومل

(ابن قتيبہ، 1423ھ: 45)

ترجمو: بيهو تانتہ محبوب (محبوبہ) ۽ ان جي گهر جي ياد ۾ روئي وٺئون جيڪو سقط اللوي وادي ۾ دخول ۽ حومل جي وچ ۾ آهي.

هڪ ٻيو مشهور شاعر ڪعب بن ذهير آهي جيڪو مخضرم شاعرن ۾ اهم حيثيت رکي ٿو مخضرمين انهن شاعرن کي سڏيو وڃي ٿو جنهن شاعرن جهالت واري زماني ۽ اسلام جي زماني ٻنهي زمانن ۾ پنهنجي شاعري ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو هجي. (طہ حسين، 1958، 21)

ڪعب بن ذهير جو هڪ مشهور قصيدو آهي جنهن کي قصيدو "بانت سعاد" سڏيو وڃي ٿو ۽ انهي ساڳي قصيدي جو نالو "قصيده برده" پڻ آهي.

"برده" عربي لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ "چادر" آهي يعني "چادر وارو قصيدو". هن قصيدي کي ڪعب بن ذهير حضور نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي شان مبارڪ ۾ چيو ان قصيدي ڇوڻ کان پوءِ حبيبن ڪريمن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ڪعب بن ذهير



ڪي پنهنجي چادر مبارڪ عطا ڪئي ان چادر جي ڪري هن قصيدي جو نالو "قصيده برده" پيو. (أبو علي الحسن، ١٩٨١، ٤٦٣)

هن قصيدي جي شروعات ڪعب بن ذهير پنهنجي محبوبہ جي ذڪر سان ڪئي جيئن جو قصيدي جو اصول آهي ۽ اها شروعات ڪجهہ هن طرح آهي:

بانت سعاد فقلبي اليوم مبتول

متيم اثرها لم يفد مکبول

وما سعاد غداة البين اذ رحلوا

الا اغن غضيض الطرف مکحول

(طہ حسين، 1958، 21)

ترجمون: (منهنجي محبوبہ) سعاد مون کان جدا ٿي وئي جدائي جي وقت منهنجي دل تباهہ ٿي وئي ۽ مان اهڙو قيدي ٿي پيس جو فدئي ڏيڻ سان بہ آزادي ممڪن نہ آهي. جدائي واري صبح جڏهن منهنجي محبوبہ سعاد لڏو پئي ڪنيو تہ ان وقت ان جو آواز سريلو جهڪيل نگاهون ۽ اکيون شرمسار هيون.

اهڙي قسم جي شروعات ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ ٻڌندڙ جي توجهہ حاصل ٿئي. سامع کي متوجهہ ڪرڻ جي لاءِ قصيدي جي شروعات اهڙي انداز سان ڪئي ويندي آهي يا تہ غزليہ طريقو اپنايو ويندو آهي يا وري محبوبہ جي ذڪر سان ان قصيدي جي شروعات ڪئي ويندي آهي جنهن کي ادب جي ٻولي ۾ نسيب يا طلل سڏيو ويندو آهي.

طلل قصيدي جي روايت ۾ هڪ اهم حصو آهي، جنهن ۾ عرب تهذيب جو احساس زمان ۽ انساني جذبات جو اظهار  بيان ڪيو ويندو آهي. طلل محبوب جي ويران بستي، خالي خيمي، اجڙيل منزلون ۽ محبوب سان گذاريل ڏينهن جي علامت آهي، جتي شاعر انهن کي ياد ڪندو آهي ۽ پنهنجي دل جي پوري ڪهاڻي بيان ڪندو آهي. عرب قصيدي ۾ طلل قصيدي جو سڀ کان پهريون حصو آهي، جتي شاعر سامع جي دل ۾ داخل ٿيندو آهي.

طلل جو منظر شاعر لاءِ فقط محبت جي جاءِ نہ پر هڪ مڪمل جذباتي صورتحال آهي. جڏهن شاعر اجڙيل آثارن کي ڏسندو آهي تہ کيس رڳو خيمي جون رسيون ٻچيل نظر اينديون آهن  يا مٽيءَ جون ديوارون نظر اينديون آهن، پر هو جوانيءَ، محبت،

پنهنجي خواب ۽ ماضيءَ جي ڏينهن کي پنهنجي ويران نشانن ۾ شامل ڪندو آهي. طلل ۾ شاعر جو لهجو انتهائي دردناڪ، نرم ۽ اثرائتو هوندو آهي. هن لمحي ۾ هو پنهنجي سامع کي بہ هن ويرانيءَ ۾ وٺي اچي ٿو ۽ ان جي دل ۾ بہ گمشده وقت جي بي چيني پيدا ڪري ٿو.

طلل ۾ عربن جي خانہ بدوشي جي زندگي جي عڪاسي آهي، جتي قومون مسلسل هجرت ڪنديون هيون، خيمي جو بيان، ڪجهہ وقفي وقفي کان پوءِ ان وقت جي حالتن کي ياد ڪيو ويندو هيو. خالي ميدان، نشان لڳل ستون، جڏهن شاعر جي سامهون مڪمل زندگي جي ناپائيداري عيان ٿي وڃي ٿي هو پنهنجي قصيدي ۾ ان کي جڳهہ ڏئي ٿو. اهڙي طرح شاعر پنهنجي محبوب جي وجود جو هڪ فلسفو بڻجي ٿو وڃي.

قصيدي جي شروعات ۾ طلل جو استعمال هڪ رسم نہ پر هڪ فني حڪمت آهي تہ سامع جي دل تائين رسائيءَ جو سڀ کان پهريان جنهن جذبي جو استعمال ٿئي ٿو اهو جذبو طلل سڏرائي ٿو. ان لاءِ ڪيس فخر، مدح يا جنگين جي بيان کان پهريان محبوب جي مڪان جي ياد پيش ڪرڻي پوي ٿي.

طلل ۾ شاعر پنهنجن احساسن جي سچائي کي ثابت ڪري ٿو. پنهنجا جذبات ڏيکاري ٿو ۽ سامع جي دل ۾ اعتماد پيدا ڪري ٿو. جڏهن سامع ان درد ۾ شاعر سان گڏ شريڪ ٿيندو آهي تہ پوءِ شاعر جي سامع سان بہ ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿيندي آهي، سامع ان سان گڏ چڙهائي تي آماده ٿي ويندو آهي. طلل ۾ وقت جو عنصر مرڪزي خيال قائم ڪندو آهي. ماضي، حال ۽ مستقبل جا ٽئي لمحا ان منجهہ سمايل هوندا آهن. شاعر ماضيءَ جي خوشين کي ياد ڪندو آهي، حال ۽ مستقبل جي يادن کي پنهنجي دل ۾ سمائي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح طلل انساني زندگي جي مڪمل تصوير بڻجي ويندو آهي، جتي اميد، حسرت، محبت، جدائي ۽ فنا سڀ هڪ جڳهہ تي گڏ ٿي ويندا آهن.

چيو وڃي ٿو تہ قصيدي ۾ طلل هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ شاعر کي پنهنجي دل ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جيڪو شاعر کي ان جي اصل حقيقت ڏيکاري ٿو . هي ويرانيت جي زندگي جي سڀ کان وڏي معنيٰ آهي، ڇو تہ طلل ۾ محبت جي گهيري، وقت جي بي رحمي ۽ انسان جون سڀ شيون شاعر ظاهر ۽ عيان ڪري ڇڏي ٿو.

**الرحيل (سفر، ناقہ، گهوڙو يا صحرا جون منظر ڪشون)**



الرحيل قصيدي جو ٻيو حصو آهي جنهن ۾ شاعر پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن کي اظهار ڪندو آهي. قصيدي جي ساخت ۾ "الرحيل" کي هڪ بنيادي ، اهم ۽ ساخت جي اعتبار سان ٻيون نمبر حصو سمجهيو ويندو آهي، جيڪو قصيدي جي اندر هڪ مڪمل موضوعاتي ۽ جمالياتي نظام ٺاهيندو آهي. جڏهن تہ شاعري ۾ هجرت صرف هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين هڪ فضائي حرڪت جو نالو نہ آهي، پر عرب جي ريگستان ۾ تجربي ، وقت، جڳهہ ۽ وجود سان سندس تعلق جو هڪ گهرو شاعراڻو اظهار آهي. قصيدي جي هن حصي ۾ شاعر پهنجي يادگيرين جي خاموشي ۽ ماضي جي غور و فڪر سان گڏوگڏ سفر ۽ سخت فطرت سان مقابلو ڪري ۽ محبوب جي هجرت ڏانهن سامع جو توجهہ منتقل ڪري ٿو.

> قبل از اسلام شاعر پنهنجي قصيدي ۾ هجرت کي تفصيلن سان ڀريل هڪ روشن منظر جي طور تي ظاهر ڪندو هو، جتي شاعر پنهنجي اٺ يا گهوڙي کي بيان ڪندو هو. ان جي برداشت ۽ صبر کي اجاگر ڪندو هو ۽ ان اٺ کي سفر جو ساٿي ۽ اڪيلائي جو دوست بڻائيندو هو. امرو القيس، زهير بن ابي سلميٰ ۽ طرفہ بن العبد هي ٽئي شاعر جاهليت جي زماني جي شاعرن ۾ اهم حيثيت رکن ٿا. سبع معلقات يعني اهي قصيدا جن کي لکي ڪري ڪعبت الله جي ديوارن تي لٽڪايو ويو هو. سبع ستن کي چوندا آهن، "علق" جي معنيٰ آهي "لٽڪيل" سبع معلقات جي معنيٰ آهي 'ست لٽڪيل' يعني اهي ست شاعر هئا جن جا قصيدا لکي ڪري ڪعبت الله جي ديوارن تي لٽڪايا ويا هئا.
>
> (ابن رشيق، 1981، 73)

انهن شاعرن جي شاعري ۾ اٺ صرف هڪ جانور ناهي، پر تسلسل، طاقت ۽ ارادي جي علامت آهي. سفر جي وضاحتن ذريعي، شاعر ريگستان جي هڪ روشن تصوير پيش ڪندا هئا ، ان ريگستان جي گرمي، اڃ ۽ وسيع فاصلن سان متن کي هڪ ڪهاڻي جي صورت ۾ پيش ڪندا هئا.

ان کان علاوه، سفر هڪ نفسياتي ۽ فلسفياتي طول و عرض کي ظاهر ڪري ٿو. شان ۽ مان جي دائمي ڳولا جي علامت کي ظاهر ڪري ٿو. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿيڻ عدم استحڪام جو اشارو ڏئي ٿو ۽ زندگي جي خانہ بدوش فطرت کي ظاهر ڪري ٿو.

رحيل قصيدي ۾ هڪ توازن وانگر آهي ڇاڪاڻ تہ تصوير، رفتار، ٿڪاوٽ، رات ۽ ڏينهن جي وضاحتن جي وچ ۾ اختلاف آهن. جيڪي قصيدي کي هڪجھڙو پيش ٿيڻ کان روڪين ٿا. جڏهن تہ رحيل قصيدي جو اهڙو حصو آهي جتي صحيح تصوير، تشبيہ ۽ استعاري ۾ شاعر جي مهارت کي ظاهر ڪيو وڃي ٿو جتي اُٺ کي ڪڏهن ڪڏهن سمنڊ ۾ جهاز سان، ان جي رفتار کي هوا سان، ان جي مضبوطي کي جبلن سان تشبيہ ڏني ويندي آهي. جيئن قديم نقادن اسلام کان اڳ جي شاعرن جي شاعري (قصائد) مان ثابت ٿئي ٿو.

عرب شاعرن جي قصيدن ۾ رحيل جي تصور جو تجزيو ۽ تشريح هن طرح ڪئي وئي آهي:

> عرب جي جڳ مشهور نقاد ابن قتيبہ جو چوڻ آهي تہ رحيل قصيدي جي ساخت جو هڪ لازمي حصو آهي، جتي شاعر پنهنجي قصيدي ۾ مکيہ موضوع جي نفسياتي ۽ پنهنجي فن جي طور تي مخصوص انداز ۾ يادگيري کي پيش ڪري ٿو. (ابن حازم 152،1986)

جڳ مشهور ڪتاب ”العمده“ جو مصنف ابن رشيق قيرواني ”رحيل“ بابت بيان ڪيو آهي تہ ”قصيدي ۾ رحيل اهو حصو آهي جنهن ۾ شاعر پنهنجي فن جي مهارت ۽ سامع جي ڌيان کي متوجهہ ڪرڻ جي صلاحيت کي ظاهر ڪري ٿو“.

(المرزوقي، 11،2003)

جديد دؤر جي محققن رحيل کي هڪ علامتي ساخت طور ڏٺو آهي جنهن ۾ شاعر دنيا جي حالات سان مقابلو ڪري ٿو ۽ ان جو پورو احوال پنهنجي قصيدي ۾ بيان ڪري سامع کي پنهنجو پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري پنهنجي جذبات جو اظهار ڪري ٿو ۽ نتيجو اهو نڪري ٿو جو سامع خود شاعر سان ان ڪهاڻي ۾ سماعت جي طور تي هم سفر ٿئي ٿو. شاعر جي اهڙي اظهار کي جديد دؤر جي محققن رحيل سڏيو آهي.

نتيجو اهو نڪتو تہ الرحيل قصيدي جي اندر هڪ ثانوي عنصر نہ آهي، پر هڪ وسيع اظهار واري جاءِ آهي جتي شاعر جي حرڪت، وضاحت ۽ علامت هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هونديون آهن. اهو ماضي جي وچ ۾ هڪ ڪڙي ٿاهيندو آهي، جيڪو ماضي جي يادگيرين جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ مستقبل ۾ شاعر جي ارادي جي ترجماني



ڪري ٿو. ان جي ذريعي، قصيدو سفر، ڳولا، فطرت ۽ وقت سان جدوجهد جي انساني تجربي کي امر ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿو.

**المدح / الفخر / الهجاء / الرثاء**

هن حصي ۾ شاعر پنهنجو مقصد بيان ڪندو آهي. اهو مدح ، فخر، مرثيو يا وري هجو هجي. هي حصو قصيدي جي حيثيت کي وڌائي ٿو. قصيدي جو آخري ۽ سيني کان اهم حصو اهو هوندو آهي جنهن کي قصيدي جو اصلي مقصد يا مقصود القصيده چيو ويندو آهي. هي قصيدي جو اهو حصو آهي جتي شاعر سامع کي حاصل مقصد طرف وٺي ايندو آهي . جنهن وقت شاعر پنهنجي مڪمل فني ۽ فڪري قوت سان پنهنجو مقصد سامع جي سامهون پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي . شاعر هن حصي تائين سامع کي وٺي اچڻ جي لاءِ طلل ۽ رحيل جو سفر طئي ڪرائي مڪمل طور آماده ڪري پنهنجي مقصد تائين وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ جي مڪمل ڪوشش ڪندو آهي . سامع کي شاعر جذباتي ۽ ذهني طور تي قصيدي جي مقصد يا حاصل الڪلام ڏانهن مائل ڪرڻ جي مڪمل ڪوشش ڪندو آهي، تانتہ جڏهن اصل مقصد سامهون اچي تہ ان جو اثر دير تائين سامع جي طبيعت تي رهي . اهو ئي سبب آهي جو آخري حصي کي قصيدي جو روح سمجهيو ويندو آهي ان جو هر هڪ نقطو نقط عروج سڏرائجي ٿو.

مدح ان آخري حصي جي سڀ کان مشهور ۽ مقبول صورت آهي جنهن ۾ شاعر پنهنجي ممدوح جي اخلاقي، سماجي، عسڪري يا سياسي خوبين جو ذڪر ڪندو آهي، سخاوت شجاعت، عدل، حلم، وفاداري، بردباري، ۽ قيادت جهڙين خاصيتن جو ذڪر نهايت ئي فصيح ۽ بليغ انداز ۾ پيش ڪندو آهي .

مدح جو مقصد صرف تعريف ڪرڻ نہ آهي پر ممدوح جي عظمت کي هڪ مثالي ڪردار جي طور تي پيش ڪرڻ مقصود هوندو آهي. عربي قصائد ۾ مدح گهڻو ڪري حڪمرانن، امراء يا با اثر ماڻهن جي لاءِ چئي ويندي آهي يا وري مذهبي اڳواڻ بہ قصيدي ۾ مدح جا مرڪز رهيا آهن ، عالم ۽ پير پڻ ان حصي جا مصداق رهيا آهن .

قصيدي جي هن حصي ۾ شاعر نهايت ئي نازڪ الفاظ استعمال ڪندو آهي تانتہ ڪلام ۾ نہ فقط خوش آمد هجي پر فني اعتبار سان بہ قصيدو مضبوط هجي . قصيدي جي هن حصي ۾ يا تہ شاعر ممدوح جي مدح ڪندو آهي يا تہ هجو يعني عيب جوئي

ڪندو آهي، مطلوب جي عيبن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن ته شاعريءَ جو اهڙو عنصر نه فقط قبل از اسلام ملي ٿو پر اسلام جي زماني ۾ به اهڙو عنصر ملي ٿو. جيئن حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه جي شاعري ۾ به ان قسم جو عنصر موجود آهي. هجا ۾ شاعر پنهنجي مخالف جي اخلاقي ڪمزورين، سماجي خامين يا سندس ڪردار جي خامين کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي . هن حصي ۾ شاعر جي زبان تمام تيز ، اسلوب ڪٽيندڙ ۽ مشڪري يا طنز وارو انداز هوندو آهي، جڏهن ته بهترين هجو ان کي چيو ويندو آهي جيڪو گار گند ۽ فحاشي واري ڪلام کان پاڪ هجي، اُن جي اندر فڪري ۽ معنوي گهرائي موجود هجي . هجو جو مقصد صرف ذاتي عناد يا دشمني نه آهي پر ڪڏهن ڪڏهن هجو قبائلي، سماجي ۽ قومي دفاع تي به مشتمل هوندو آهي، جتي شاعر پنهنجي قبيلي، پنهنجي قوم، پنهنجي سماج يا پنهنجي نظرئي جو دفاع ڪندو آهي .

قصيدي جي هن حصي ۾ مرثيه نگاري به شامل آهي ۽ اهڙو عنصر به شاعري جو تمام قديم آهي . خنساء هڪ شاعره هئي جيڪا مخضرم شاعرن جي صف ۾ اهم حيثيت رکي ٿي.

> خنساء جنهن جو نالو 'تماضر' هو هيءَ ذهير بن ابي سلميٰ جي نياڻي هئي سندس به ڀائر ڪنهن جنگ ۾ شهيد ٿي ويا هئا ان تي هن شاعره مرثيه چيا هئا . چيو وڃي ٿو ته جڏهن حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت حاضر ٿي اسلام قبول ڪيائين ته محبوبن ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جن حڪم فرمايس ته پنهنجن ڀائرن جي ذڪ ۾ لکيل مرثيو پيش ڪيو پوءِ اهو مرثيو پيش ڪيائين ته حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايس ٻڌاء اي خناس ٻڌاء. بس ان تي سندس لقب خنساء پئجي ويو.
>
> (ابن طباطبا، 2005، 34. .12)

'فخر' پڻ قصيدي جو اهم ۽ بنيادي رڪن آهي جنهن جي تاريخ تمام قديم ۽ پراڻي آهي ، تاريخ ادب عربي ڪتاب جي مصنف استاد احمد حسن زيات فخر جو ذڪر ڪندي عمروبن ڪلثوم جو ذڪر ڪيو آهي ته:



> عمرو بن ڪلثوم سبع معلقات منجهان اهم شاعر آهي جنهن جو قصيدو فخر تي مشتمل آهي ۽ اهو قصيدو پڻ ڪعبت الله جي ديوارن تي لٽڪايو ويو هو. سندس قصيدي جو عنوان پنهنجي قبيلي ۽ قوم جي فخر تي آهي . (جرجي زيدان، 2012ع، 112)

عمرو بن هند بادشاهه هو ان پنهنجي درٻار ۾ اعلان ڪيو ته ڇا منهنجي قوم ۾ اهڙو به ڪو شخص آهي جنهن جي ماء منهنجي ماء جي خدمت ڪرڻ کي عيب سمجهي ؟ڇو ته مان بادشاهه آهيان ڪير نه چاهيندو ته هو منهنجي ماء جي خدمت نه ڪري؟ ، جواب ڏنو ويو ته هڪ شخص آهي جنهن جو نالو عمروبن ڪلثوم آهي ان جي ماء اوهان جي ماء جي خدمت ڪا نه ڪندي، ڇو ته ان جو پٽ شاعر به آهي ۽ پنهنجي قوم جو سردار به آهي . بهرحال عمرو بن ڪلثوم کي سندس والده سان گڏ دعوت ڏني وئي ۽ بادشاهه پنهنجي والده کي سمجهايو ته شاعر جي والده کان ڪا نه ڪا خدمت وٺي. جڏهن وقت آيو ته بادشاهه جي والده پنهنجي هٿ مان هڪ سوئي ڪيرائي ۽ شاعر جي والده کي چيو ته کڻي ڏيو جنهن تي شاعر جي والده دانهن ڪئي ته منهنجي بي عزتي ڪئي وڃي ٿي ان تي عمرو بن ڪلثوم ڀريل درٻار ۾ پنهنجي تلوار ڪڍي ۽ بادشاهه عمرو بن هند کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو مشهور قصيدو چيو

اذا بلغ الفطام لنا صبي
تخر لہ الجبابر ساجدينا

(الزوزني، 2002، 5–6)

ترجمون : جڏهن اسان جي قوم جا ٻار کير ڇڏڻ واري عمر کي پهچندا آهن ته وڏا وڏا جابر بادشاهه انهن ٻارن جي اڳيان پنهنجا ڪنڌ اچي جهڪائيندا آهن .

عمرو بن ڪلثوم جي سڄو قصيدو فڪري اعتبار سان مڪمل طور تي فخر جي عڪاسي ڪري ٿو.

قصيدي جي ساخت جي اعتبار سان مدح، هجو مرثيو ۽ فخر قصيدي جي آخري حصي ۾ داخل ٿي ڪري قصيدي کي فڪري ، معنوي ۽ اسلوبي تڪميل عطا ڪندا آهن، هي اهو مقام هوندو آهي جتي شاعر جي فني مهارت، زبان تي گرفت، تشبيهات، استعاري جو حسن ۽ جذبن جي شدت مڪمل طور تي سامهون اچي ويندي آهي. جيڪڏهن قصيدي جو هي حصو مضبوط آهي ته پوءِ قصيدو مڪمل طور تي يادگار

ٻڌجي پوندو آهي ۽ جيڪڏهن هي حصو ڪمزور آهي تہ پوءِ سڄي تمهيد جي باوجود قصيدو پنهنجي اثر کان خالي هوندو آهي . ان جي ڪري ناقدين وٽ قصيدي جي اصل جان اُن جي آخري حصي ۾ هوندي آهي جتي شاعر پنهجني تخليقي قوت جو مڪمل اظهار ڪندو آهي، جنهن سان سندس ڪلام کي هميشگي واري اهميت حاصل ٿيندي آهي .

**نتيجا**

1. قصيدي جي ٻولي عام طور تي فصاحتي بلاغتي ۽ محڪم هوندي آهي. عربي ٻولي جون خصوصيتون جهڙوڪ تجنيس، جناس، استعارا ۽ تشبيهات جو ڀرپور استعمال قصيدي جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪندو آهي . شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي مهارت سان جامع ۽ مؤثر پيغام پيش ڪن ٿا. جيڪو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ کي فڪر جي گهرائي تائين وٺي وڃي ٿو.
2. اڄ جي دور ۾ قصيدا جديد شاعري سان گڏ و گڏ ادبي محفلن، گڏجاڻين ۽ مذهبي پروگرامن ۾ پڻ پڙهيا ۽ پيش ڪيا ويندا آهن. ان جو مقصد روايتي ادب کي زنده رکڻ ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ آهي.
3. ڪيترائي قصيدا اسلامي تعليمات، اخلاق ۽ روحانيت جي ترجماني ڪندا آهن. خاص طور تي نعت ۽ مدح ۾ حضور ﷺ جي عظمت، اخلاق ۽ ڪمال بيان ڪيا ويندا آهن، جيڪي سماج ۾ اخلاقي اقدارجي ترويج جو ذريعو بڻجندا آهن.
4. قصيدو نہ صرف ادب جو ذريعو آهي، پر معاشرتي، سياسي ۽ تاريخي حقيقتن جو عڪس پڻ آهي. شاعر پنهنجي قوم جي مشڪلات، جنگين، اتحاد ۽ افتراق کي قصيدي جي وسيلي بيان ڪندا آهن، جنهن سان قومي سڃاڻپ مضبوط ٿئي ٿي.



**حوالا**

ابو حسين احمد بن فارس بن زكريا.(١٩٦٩). مقاييس اللغة، ماده "قصد" الطبعة الثانية. بيروت، لبنان: مكتبة و مطبعة مصطفي البابي الحلبي واولاده بمصر

أبو علي الحسن بن رشيق القيرواني ال أزدي(1981). العمدة في محاسن الشعر وآدابہ. حققہ محمد محيي الدين عبد الحميد بيروت، لبنان: دار الجيل

أبو محمد عبد الله بن مسلم بن قتيبة الدينوري(١٤٢٣ ه)، الشعر والشعراء، القاهرة،مصر: دار الحديث

أبو علي الحسن بن رشيق القيرواني ال أزدي( ١٩٨١). العمدة في محاسن الشعر وآداب، الطبعة الخامسة .بيروت : د.ار الجيل

أبو علي أحمد بن محمد بن الحسن المرزوقي ال أصفهاني (٢٠٠٣). شرح ديوان الحماسة، الطبعة: ال أولي. المحقق: غريد الشيخ. بيروت، لبنان: دار ال كتب العلمية

جرجي زيدان.(2012).تاريخ الآداب العربية. قاهره ، مصر: موسسة الهنداوي للتعليم والثقافة

حازم بن محمد بن حسن، ابن حازم القرطاجني، أبو الحسن (١٩٨٦) منهاج البلغاء وسراج ال أدباء، الطبعة الثالثة.بيروت، لبنان: دار الغرب الاسلامي

حسين بن أحمد بن حسين الزَّوزَني، أبو عبد الله (٢٠٠٢). شرح المعلقات السبع. قاهره ، مصر: دار احياء التراث العربي

شوقي ضيفدكتور(..).تاريخ الادب العربي العصر العباسي الاول، الطبعة الثامنة. قاهره ، مصر: دارالمعارف

طہ حسين.(1958) حديث الاربعاء. قاهره، مصر: دار المعارف

محمد بن سلّام (بالتشديد) بن عبيد الله الجمحي بالولاء، أبو عبد الله (٢٣٢هـ). طبقات فحول الشعراء، المحقق: محمود محمد شاكر. جدة، سعوديہ: دار المدني

محمد بن مكرم بن علي، أبو الفضل، جمال الدين ابن منظور ال أنصاري الرويفعي ال إفريقي (١٤١٤ ه). لسان العرب، الحواشي: لليازجي وجماعة من اللغويين. بيروت، لبنان: دار صادر

محمد بن أحمد بن محمد بن أحمد بن إبراهيم طباطبا، الحسني العلوي، أبو الحسن (٢٠٠٥). عيار الشعر، الطبعة الثانية. المحقق: عباس عبدالساتر. بيروت، لبنان: دار ال كتب العلمية

ولي الدين عبدالرحمن بن محمد ابن خلدون.(2004) المقدمة، داريعرب ، دمشق.